# سر ڪيڏارو بهادري ۽ جرئت جو استعارو: هڪ تحقيقي اڀياس

# Sur Kedaro Symbol of Dereness: An Analytical Study

**ناهيد آرائين**

***Abstract:***

*The Sur kedaro is used to assert and explain the woe of battlefield, in this Sur Shah Abdul Latif has portrayed the velour of Hazrat Imam Hussain, hence he shows deep sorrow on this martyrdom.. in this paper the poetic magnificence of shah latif has been analyzed where shah has asserted the bravery, courage, character and grandeur of Hazrat Imam Hussain in this Sur.*

انساني تاريخ ۾ سڀ کان اتم ۽ اعليٰ انسان حق، سچ، انصاف ۽ نيڪي خاطر پنهنجي جان قربان ڪندڙ رهيا آهن. سندن قرباني انساني تهذيب ۽ تاريخ ۾ بغير ڪنهن رنگ نسل ۽ مذهبي فرق جي ساڳي اهميت رکي ٿي. تاريخ ۾ امام حسن ۽ حسين عليہ جي شهادتن جو انتهائي دردناڪ واقعو ٿي گذريو آهي. ادبي تخليق انساني سماج ۾ ٿيندڙ هر ننڍي وڏي واقعي جي زير اثر ٿيندي رهي آهي "اهڙي ريت امام عالي مقام حضرت حسنين رضہ جي لازوال قرباني جي اسان جي سماج، علم ۽ ادب تي تمام گهڻو اثر انداز ٿي آهي ۽ ڪربلا جو قصيدو انتهائي طاقتور استعاري جي روپ ۾ اڀري سامهون آيو آهي، عام زندگيءَ ۾ جڏهن ڪٿي بہ ڪو ظلم ۽ ڏاڍ جنم وٺندو آهي تہ شاعر ڪربلا جي علامت ۾ انهي جو اظهار ڪرڻ تي مجبور ٿي پوندو آهي". (1)

ادب ۾ هي درد ناڪ واقعو ڏاڍ ۽ جبر خلاف هڪ سگهاري استعاري جي صورت ۾ پيش ڪيو ويو آهي. هن سُر تي هي نالو سر ۾ موجود موضوع جي مناسبت سان رکيو ويو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هڪ جلدي سنڌي لغت ۾ ڪيڏاري لفظ بابت لکيو آهي "ڪيڏاري: جنگ، لڙائي، ويڙهہ، قتل عام، شاهہ جي رسالي ۾ هڪ سر جو نالو". (2)

مختلف سر مختلف راڳڻين تي بہ آڌاريل آهن، ڪيڏاري جي اردو ترجمي جي مهاڳ ۾ محقق لکي ٿو "ھندستان کی گائن ودیا کے موجب "کیڈارو" دیپک کی پانچ استریوں میں سے ایک ہے، یہ راگنی آدھی رات کو گائی جاتی ہے اور "سمپورن" کہلاتی ہے. (3)

هن لفظ جي متعلق وڏيڪ لکي ٿو ”کیڈ سنسکرت سے کیھد ار“ کی بگڑی ہوئی صورت کیھ، ار معرکہ یٰ ہے جنگی میدان یہ سرمرسیہ اور رزمیہ کی ایک لافانی مثال“. (4)

شاهه عبداللطيف ڀٽائي عالمي سطح جو مفڪر شاعر آهي، جنهن هن سر ذريعي نه صرف حضرت امام حسين جي شهادت جي دردناڪ واقعي کي قلمبند ڪيو آهي، پر ان ۾ امام سڳورن جي جيڪا بهادري، جرئت ۽ حوصلو آهي، اهو جڻ اهڙن عظيم انسانن جي شخصيتن جو استعارو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ هن سر جي حوالي سان لکي ٿو ته ”هن سر جي بيتن ۾، شهادت لاءِ امام عالي مقام جي پڪي پختي عزم ۽ سندس صبر ۽ سورهيائي جا پيرائتا پار ڏنل آهن ۽ پڻ شهادت تي غم الم جو اظهار آهي. تصوف جي روحاني رمز ۾ ڪربلا جي قضيي کي الاهي اسرار جو اعليٰ درجو ڏنل آهي. جنهن موجب خالق مالڪ پاڻ ٿو پنهنجن پيارن کي ڪهائي ۽ آزمائي“. (5)

شاهه سائين جو ڪلام هڪ فڪري خزانو آهي، جنهن ۾ ڪربلا جي شهيدن کان وٺي هر سطح جي سماجي ۽ فڪري موضوع کي پنهنجي ڪلام ۾ اثرائتي انداز ۾ پيش ڪيو آهي، جدا جدا سر ۽ سندن جدا جدا موضوع هوندي به منجهن ڳانڍاپو آهي. هنن شهيدن تائين پهچڻ کان اڳ به جن ڪردارن کي شاهه سائين پنهنجي شاعريءَ ۾ پيش ڪيو آهي. انهن مان ڪنهن به پنهنجي مقصد ۽ مطلب تي جان کي ترجيح ناهي ڏني. هي سر جي قرباني ڏيڻ جي ڳالهه شاهه سائين پهرين سر ڪلياڻ کان ئي شروع ڪري ٿو ته:

سوري سڏ ڪري، ايي عاشق کي،
جي اٿئي سڏ سڪڻ ۾ ڪر مَ پيير پري،
سسي ڌار ڌري پيچ پوءِ پريتڻو.
(ڪلياڻ)

سوري چڙهڻ سيج پسڻ اي ڪم عاشقن،
پاهو ڪين پسن، سائو هلن سامهان.
(ڪلياڻ)

ڪربلا جي واقعي ۾ به شاهه لطيف اهڙن سچن عاشقن ۽ سورمن جي سورهيائي کي گهرائيءَ سان پر اثر انداز ۾ پيش ڪيو آهي. اهي ڪردار شاعريءَ ۾ حق، سچ، بهادري ۽ جرئت جو اهڃاڻ بڻجي ويا آهن. ڊاڪٽر تنوير عباسي انهيءَ حوالي سان لکي ٿو: ”شاهه

لطيف پنهنجي سورمن ۾ سورمين کي اهڃاڻ ۾ تصورن جي صورت ۾ استعمال ڪيو آهي. هر سورمو يا سورمي ڪنهن نہ ڪنهن قدر Value جو اهڃاڻ آهي. شاهہ لطيف جا سڀ ڪردار ايترو تہ رچي ويا آهن. ايترو تہ Establish ٿي ويا آهن، ايترو تہ ڄمي ويا آهن جو هن وقت تائين انهن ڪردارن جي اهڃاڻ ۾ ڪنسيپچوئل (Conceptual) حيثيت قائم آهي.(6) شاهہ سائين جي مختلف محققن مان ڊاڪٽر گربخشاڻي هن سر ۾ ڇهہ داستان ڄاڻايا آهن، بيتن ۾ وائين کان پوءِ تاريخ اسلام جي هن دردناڪ واقعي جي پوري تاريخي پس منظر کي بيان ڪيو آهي ۽ آخر ۾ ڏکين لفظن جي مڪمل سمجهاڻي ڏني وئي آهي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ هن سر ۾ ست داستان ڄاڻايل آهن، ٻنهي رسالن ۾ پهريون بيت ساڳيو آهي، جنهن ۾ شاهہ سائين فرمايو:

ڏٺو محرم ماه، سنڪو شهزادن ٿئو
ڄاڻي هڪ الله، پاڻ وڻنديون جو ڪري.(7)

پهرين داستان ۾ محرم جي اچڻ سان امامن سڳورن جي درد ۽ شهادت ۽ وڇوڙي جي ورلاپن کي شاهہ سائين بيان ڪري ٿو. هن داستان جي آخري بيت ۾ نيٺ هن نتيجي تي پهچي ٿو:

سختي شهادت جي نسورو ئي ناز
رند پروڙين راز، قضيي ڪربلا جو.

ٻئي داستان ۾ مديني مان نڪري حضرت امام حسين رضہ جي جنگ جي تياري ۽ سورهيائي کي شاهہ سائين ڳايو آهي.

چنڊ وهاڻي چڙهيا، مل مدينئان مير،
اُنسين طَبـَلَ باز، تبرون ڪند ڪٽارا ڪير،
عَليءَ پٽ امير، ڪندا راڙو رڪ سين.(9)

چنڊ وهاڻي نڪري سمورن هٿيارن پنهوارن سان رڪ گاڏئون راڙو ڪندا. ڪربلا جي ميدان ۾ حسين مير جو حملو ڏسي بهادر بہ خوف ۾ وتجي ويا.

ڪامل ڪربلا ۾، آيا سيد شير،
ماري مصرين سين ڊنڊ ڪيائون ڍير،
دهلئا ات دلير، پسي حملو مير حسين جو.(10)

شاهہ جي هنن سورمن جي بهادري ۽ جرئت جا اهڃاڻ ڇتا آهن. هنن وٽ موتڻ مهڻو آهي:

كاري ككر هيٺ، مون جهيڙندا ڇڏئا،
كارا كند هٿن ۾ اڙل وڍيرا هيٺ،
ٿي تنين سين ڏيٺ، موٽڻ جنين مهڻو.(11)

هي اهي بهادر آهن جو هن ڏکي ۽ مشکل گهڙيءَ ۾ بہ پنهنجو وڙ نٽا وڃائين جنگ بہ ڪن پيا، پنهنجن جي سار بہ لهن پيا پر رڪ وهنديءَ راند ۾ ذرو بہ فرق ناهي.

هٽڻ هڪلڻ ٻيلي سارڻ مانجهيان اي مرڪ،
وجهن تان نہ فرق، رڪ وهنديءَ راند ۾.(12)

اهڙن بهادرن جي حياتي ٿوري آهي ڇو تہ هو حياتيءَ جي بچاءَ يا موت جي خوف کان ڪڏهن لڪندا ناهن.

گهوڙن ۽ گهوٽن، جيئڻ ٿورا ڏينهڙا،
ڪڏهن منجهہ ڪوٽن، ڪڏهن راهي رڻ جا.

بهادر ۽ جرئتمند انسانن جون ونيون بہ اهڙيون ئي بهادر آهن جو اُهي پنهنجي ورن کي سامهون مقابلو ڪنديءَ ڏسي فخر محسوس ڪن ٿيون.

ڀڳو آئون نہ ڇُئان، ماريو تہ وسهان،
ڪانڌ منهن ۾ ڌڪڙا سيڪيندي سنهان،
تہ پڻ لڄ مران، جي هُوس پ ُ ٺِ ۾.(14)
(داستان ٿيون 659)

شاهہ سائين، حضرت مير حسين جو جنگ جي ميدان ۾ بي مثال بهادري، جرئت جي منظر کي هنن لفظن ۾ پيش ڪري ٿو.

ڏاڙهي رت رتياس، ڏند تہ ڏاڙهون گل جيئن،
چوڏهين ماهہ، چنڊ جن، پڙ ۾ پاڳڙياس،

ميڙي ۾ مُحمّدَ جي مُـّر مرڪي ماس،
تهـ سورهـ کي شاباس، جو پڙ متي پرزا ٿيو.(15)

پاڪ جنين جا پير، ڪٺاءِ هيٺ نہ ڪوڙيا،
تنگ ترارن تڇئا ڇٽئو پون ڇُڳير،
ڍنڍ تنين جا ڍير، ڳجهڙين ڳر لائيا-(16)

ڪوپا ڪِلي ڪوڏئا، راوت ڪين رهن،
سائن سر فدا ڪئا، اڳئا امامن،
يجاهدون في سبيل الله ڪم اهوئي ڪن،
حورون هار ٻڌن، سهرا شهيدن کي.(17)

شاهہ سائين آخر ۾ فرمائي ٿو تہ بهادر ۽ جرئتمند حق سچ خاطر جان قربان ڪندڙ جي شهادت تي سڄي ڪائنات افسوس ڪري ٿي:

حسن، مير حسين کي رنو ٽن ٽولن،
گهر ماڙهين، جهنگ مرئين، اپن ۾ ملڪن،
پکين پاڻ پڇاڙئو، تہ لڏيو هوت وڃن،
الا! شهزادن، سويون ڏين سچا ڏٽي.(18)
ص 664

هي سڄو سر ڪربلا جي شهيدن خاص طور اهلبيت حضرت حسين رضہ جي دردناڪ شهادت، ان سان بي انتها عقيدت محبت کي بہ ظاهر ڪري ٿو تہ بهادري، جرئت، حوصلي همت، اعليٰ فهم ۽ فڪر بہ حضرت امام حسين ؓ جي ڪردار مان ظاهر ٿئي ٿو. شاهہ سائين بهادر جو مڪمل وصفون هن سر ۾ پيش ڪيون آهن. هو ڪڏهن پوئتي ناهي هٽندو، پنهنجي مڪمل رٿابندي سان دشمن سان منهن مقابل ٿئي ٿو. دشمن تي اهڙو بهادريءَ سان حملو ڪري ٿو جو سامهو دلير بہ دهلجيو وڃن. اصل طاقت ايمان ۽ سچائي ۽ حق جي آهي. هي عظيم ڪردار، شاهہ جي هن سر ذريعي ادب ۾ جرئت ۽ بهادريءَ جو اڄ بہ اعليٰ مثال آهن.

## حوالا:


1. پريمي، موهن لعل، پروفيسر، (2005)، حسيني جي هاڪ (سر حسينيءَ جو فڪري پهلو)حيدرآباد: شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه، ص 64.
2. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، (2006)، هڪ جلدي سنڌي لغت، حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي ص 514.
3. سومرو، خادم حسين، (1999)، سر ڪيڏارو، سيوهڻ: سائين پبلشرز ص 15.
4. ساڳيو.
5. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، (2009)، شاهه جو رسالو ڪراچي: ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ ص 412.
6. عباسي، تنوير، ڊاڪٽر، (1989)، شاهه لطيف جي شاعري، حيدرآباد: نيو فيلڊس پبليڪيشن ص 130.
7. گربخشاڻي، مرتب، (1993)، شاهه جو رسالو ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن ص 656.
8. ساڳيو.
9. ساڳيو.
10. ساڳيو.
11. ساڳيو.
12. ساڳيو.
13. ساڳيو.
14. ساڳيو.
15. ساڳيو.
16. ساڳيو.
17. ساڳيو.
18. ساڳيو.